# منهنجا پيارا مٺڙا مولا

منهنجا پيارا مٺڙا مولا!
گيت ڳايون تا تنهنجا مولا!

هيرَ، نديون، طوفان به تنهنجا،
صحرا، جهنگ، ميدان به تنهنجا،
وستيون، ماڳ، مڪان به تنهنجا،
مالڪ خوشبو، گُل جا، مولا.

اُڀ ۾ چنڊ ستارا تنهنجا،
ڪڪرن جا وسڪارا تنهنجا،
جڳ جا رنگَ نيارا تنهنجا،
ماڻهنُ، پکين سڀ جا، مولا.

تو آهي سنسار بڻايو،
هر شيءِ تنهنجو شان آ ڳايو،
تنهنجي قدرت هي سمجهايو،
ڪيسين منظر ڳڻبا، مولا!

# چڱن جي سنگت

چڱو تي بنائي چڱن جي سنگت،
ٻرو تي بنائي ٻرن جي سنگت.

چڱن جي سنگت ۾ چڱا ڪَمَ تين،
ٻريون تا صلاحون ٻرا ئي ڏين،
تي جوڪو ڏئي ٻيءِ سُرن جي سنگت.

چڱا ماڻهو آهن گُلن جي مثال،
جي خوشبو ڏين تا پيا لازوال،
گُلن سان نهي تي گُلن جي سنگت.

چڱن ساڻ جيڪو بہ رهندو سدا،
ڪندو حاصل عزت سدائين ادا،
سُٺي آهي سچ پچ سُٺن جي سنگت.

---